# سنڌي (لازمي) ايچ ايس ايس سي -II

وقت: 3 گھنٽے | ڪل نمبر: 100

سوال نمبر 1: هيٺين مان ڪنهن به هڪ تي مضمون لکو:- (20)

i راندين جي اهميت ii مخلوط تعليم .
iii هنر جي اهميت .

سوال نمبر 2: هيٺين مان ڪن به چئن بيتن جي تشريح ڪريو: (20)

i منهنجو پيچ پنهون سان ازل لاڪون آهه
هاڻي وڃڻ چاهه، پيرن پنهور جي .

ii سڄڻ ساعت هڪڙي، جي تنهن اکيئون ڏار .
نه ڪر سڀ جمار ڏٺوسين نه ڪڏهن

iii مشڪل ۾ پئو نه آسان مشڪل به تنهن لوي لوءِ .
پاڻي اندر تپڻ سان درياءَ جو ڏيکي لوءِ .

iv والي وسائيج، درد منديءَ جو ديس ،
پرين مون پرديس اٿي ايندم اوڏڙا

v چنڊ! چئين سچ، جي مٺي مور نه پائيين
ڪڏهن اڀرين سنهڙو، ڪڏهن اڀرين ليئه ،
منهن ۾ برئي ميهه، لوءِ نه ماهه پيشاني پرين جي .

vi بسنت تڪ آيو صبر ۾ لونڊن ڪئي سڀ .
رتما رنگي رس، فرح ڪري ئي نيل تي .

StudentBounty.com

VII مجازي موهي، ڪڏهن ويندءِ نڪري،
اڪڙ ليون لڙهي، ڪيڻ وهين وسهي.

سوال نمبر 3: هيٺين مان ڪن به ٻن سوالن جي سمجھاڻي لکو:- (15)

I « شڪر اٿئي اي منهنجا مولا! جيڪڏهن آءٌ انڌي هجان ها ته الهيءَ روپئي مان جند نه ڇڏايان ها، نه موسان ن به ساڳئي الهيءَ اڪ واري ڪارٿيءَ ها.

II « ٻولي چئبو آهي انهن ٻالهائڻ کي، جو ٻالهائيندڙ ٻالهائي ته ٻڌندڙ هم زبان ٻڌندڙ ان جو پورو مطلب پوريءَ طرح سمجهي سگهي»

III « دوستي فقط دوستي خاطر ڪجو، چونه جا دوستي ڪنهن مطلب لاءِ ڪئي ٿي وڃي سا دوستي نه آهي، پرلهڪ جار آهي، جنهن ۾ صيد ۽ صياد ٻئي ٿا ڦاسن.»

IV «هاءِ! جو هيءُ منهنجو عزيز هن مصيبت ۾ مبتلا آهي، هاءِ! ڪنهن به طرح شل قادر ڪريم هن مصيبت مان هن کي ڇڏائي!

V اهو ڪو تاريخي وڏو مسئلو نه آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ لکڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي، اهي عام مقبول نقل ۽ نظير ٢ هن. جا، اهڪن ٻي ڳڌ ڪرڻ ۽ لکڻ به ڪو مشڪل ڪم آهي.

StudentBounty.com

vi) قوميت ۽ قومي جوش انسان لاءِ قدرتي ۽ بيحد ضروري آهي، جو يا نه مٽي ماٿريءَ مان پيدا ٿيندو آهي يا گهڻين قومن جي بڌيءَ ۽ محبت مان.

سوال نمبر 4: هيٺين مان ڪي به ٻه مثالن سان سمجهايو:- (۱۰)

i) مجاز مرسل ii) استعارو iii) علم معاني.

iv) رديف

سوال نمبر 5: هيٺين مان ڪن به ٻن جي ادبي خدمتن تي نوٽ لکو:- (۱۰)

i) حمل فقير ii) محمد هاشم مخلص.

iii) شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سوال نمبر 6: هيٺين اصطلاحن مان ڪن به پنجن جي معني لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:- (۱۰)

i) رت ٿهڪڻ ii) ڏاڙهي ڏيڻ iii) لير لير ٿيڻ.

iv) ڳڙو ڳسائڻ v) چپ چورڻ vi) اکيون ڏار ڏئي وهڻ

vii) روح ڦوڪڻ.

سوال نمبر 7: پاڪستاني قوميت جو مقصد ڇا آهي؟ کولي سمجهايو. (۱۰)

سوال نمبر 8: هيٺين مان ڪن به ٻن جي وصف مثالن سان لکو:- (۱۰)

i) ضمير مبهم ii) ظرف زمان iii) فعل لازمي.

iv) حرف ندا.